# ٢. غريب جي دِل

بُڌو. پڙهو ۽ لکو.



هِڪڙو زَميندار هو. ايشور جي دَيا سان هوُسکيو ستابو هو. هڪ ڏينهن هِڪُ غريب رُلندو پنندو زميندار جي گهر وٽ اَچي پهتو. غريب ڏاڍو ٿڪلُ هو ۽ کيس بک به لڳي هئي. زميندار کي ٻاڏائيندي چيائين، 'ڪُجهه ڏينهن کان روٽيءَ جو هڪ ٽُڪر به پيٽ ۾ ڪونه وڌو اٿم.' زميندار کي مٿس ديا ڪانه آئي. غريب کي بکيو ئي هڪالي ڪڍيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ زميندار شِڪار ڪرڻ لاءِ هڪ جهنگل ۾ ويو. شڪار هٿ ڪونه آيُس. اوندهه ۾ رستو ڀُلجي پيو. ٿڪل زميندار کي بک به اَچي ڏاڍو ستايو. پَري کان هڪ جهوپڙي ڏسي، اُن طرف هلڻ لڳو.

جهوپڙيءَ ۾ اُهو ساڳيو غريب ويٺل ڏٺائين. زميندار هُن کي ڏسي چِرڪيو. شرم وچان، ڪجهه گهرڻ لاءِ وات مان هڪ اکر به نه نڪتس. غريب به کيس سڃاڻي ورتو. غريب سندس آدرڀاءُ ڪيو. اُن وقت جيڪي به وٽس ميسرُ هو، سو کارايائينس. رات جو سُمهڻ لاءِ کيس بسترو به وڇائي ڏنائين. صبح جو نيرن ڪرائي، رستو ڏيکاري روانو ڪيائينس.

جنهن غريب کي پاڻ لوڏي ڪڍيو هئائين، تنهنجو ايترو قرب ۽ مهمان نِوازي ڏسي زميندار ڏاڍو لڄي ٿيو.

دِل ۾ چيائين، ته منهنجي بدَتر هلت عيوض، غريب مون سان جيڪا ڀلائي ڪئي آهي، تنهن مون کي چڱو سبق سيکاريو آهي.

**نوان لفظ :**

سکيو ستابو - آسودو خوشحال | عيوض - بدران | لوڏي ڪڍڻ - هڪالي ڪڍڻ

ٻاڏائڻ - ليلائڻ، مِنٿون ڪرڻ | آدرڀاءُ - عزت، مانُ | قُرب - پيار | لڄي ٿيڻ - شرمسار ٿيڻ

## اَڀياس

سوال ا : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

ا) زميندار جي حالت ڪيئن هئي؟

٢) زميندار وٽ ڪير آيو؟

٣) جهنگل ۾ زميندار جو ڪهڙو حال ٿيو؟

۴) غريب زميندار سان ڪهڙي هلت هليو؟

۵) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

٦) هن سبق ۾ ڏنل اِصطلاح ٻُولهي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

سوال ٢ : ضد لکو :-

غريب........................ ڏينهن ........................ اوندهه........................ ڀلائي ........................ چڱو ........................

سوال ٣ : هيٺين جملن ۾ خال ڀريو :-

ا) ايشور جي ديا سان هوُ ......... هو.

٢) ٺڪل زميندار کي ........ ٻه اَچي ڏاڍو ستايو.

٣) صبح جو نيرن ڪرائي ......... ڏيڪاري روانو ڪياٿينس.

**هدايت :-** ماستر شاگردن کي سمجهائيندو ته گهرجائو، تڪليف ۾ آيل اَگر ڪوبه آس پائي سامهون اَچي ته وس آهر اُن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

**مشغولي :-** ماستر شاگردن کي هن آکاڻيءَ جهڙي ڪا ٻي ننڍي آکاڻي، ماڻتن جي مدد سان گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

ا) هيٺ ڏنل جدا جدا حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟

ا) توهان جي دوست کي پڪنڪ تي هلڻ لاءِ پئسا ڪونه آهن. .................

٢) توهان جي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو پڙهيل نه هجي. اُنکي اَخبار يا چِٺي پڙهڻي آهي. .................

٣) ٻڍي رستو پار ڪرڻ چاهي ٿي ۽ رستي تي آمدرفت جاري آهي. .........................

۴) ڪرڪيٽ ڪندي بال سان ڪنهن گهر جو شيشو ٽُٽي پيو آهي. .....................

۵) توهان جو دوست يا ساهيڙي ڪجهه ڏينهن کان اسڪول ۾ غير حاضر آهي. .................

٢) هيٺين لفظن کي شفي لفظ (Positive) ۽ نفي لفظ (Negative) ۾ ورهايو.

ديا، نفرت، آدرياءُ، ڀلائي، مدد، غصو، سزا، پيار، ڌِڪار

| | |
|---|---|
| شفي لفظ | |
| نفي لفظ | |

٣. اِنساني گڻن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏنل آهن خالي خانن ۾ ٻيا گُڻ ڀريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پسن پکين لاءِ ديا | غريبن جي مدد | | | |
| | | | | |